338

ماهوار

# الرّاشِد

پيرجوڳوٺ

محرم الحرام 1447ھ، جولاءِ 2025



جامعہ راشدیہ درگاہ شریف
پيرجوڳوٺ (ڪنگري) ضلع خيرپور، سنڌ

سڪندريه پبليڪيشنز

Monthly 'AL - Rashid' Pir Jo Goth
Issue No: 338- Muhram ul Haram 1447 / July 2025

## اعليٰ حضرت پيرسائين پاڳارا دامت برڪاتهٗ جن جو جماعت کي خطاب مبارڪ

**درگاه مبارڪ 10 ذوالحج 1446ھ، 7 جون 2025**

السلام عليڪم!

توهان سڀني کي حج جي عيد جي مبارڪ هجي. پيو اوهان سڀني کي مبارڪ هجي جو اسان جي پاڪستان جي فوج انڊيا کي سبق سيکاريو آهي، سڀ عمر ياد رکندا. هندوستان جي خواب خيال ۾ به نه هو جو پاڪستان جي فوج هنن سان اهڙو حشر ڪندي. نه پنهنجي ماڻهن کي جواب ٿا ڏئي سگهن نه ملڪ کان ٻاهر. هندوستان جا جيڪي ليڊر آهن، انهن کان پنهنجي عوام به پڇي ٿي ته اوهان ڇا ڪيو ؟ جواب نٿا ڏئي سگهن. هندوستان پاڪستان کي ڌمڪيون پيو ڏئي ته اهو پاڻي توهان جو بند ڪنداسين ، ليڪن خدا جو به پنهنجو شان آهي ، پاڪستان جو پاڻي ڇا بند ڪندا پاڻ پيا ٻڏن پنهنجو پاڻي نٿا سنڀالي سگهن. اگر پاڪستان جو پاڻي بند ڪندا ته پوءِ اها هندوستان کي خبر هجڻ کپي جو پاڪستان هڪ ايٽامڪ ملڪ آهي، اڳ ۾ شروعات هندوستان ڪئي جنگ جي، ٻه ٽي ڏينهن پاڪستان خاموش رهيو، جڏهن پاڪستان فجر جي نماز کان پوءِ هندوستان کي جواب ڏنو، هندوستان وارن کي خبرئي نه پئي ته انهن وٽ هي ڇا پيو ٿئي. پاڪستان جنگ نه پيو ڪرڻ چاهي ليڪن مودي صاحب نه پيو مڙي، جڏهن پاڪستان جي طرفان هنن کي جواب آيو، هنن جي تباهي ٿي پوءِ هن فري ۾ آمريڪا وارن کي منٿون ڪيو ته جنگ بند ڪيو ۽ پاڪستان تمام خوشي سان جنگ بند ڪئي. ڇو جو پاڪستان کي هنن جي تباهي ڪرڻي هئي اها ڪري ويا.

مان جماعت کي، دوستن کي هميشه چوندو آهيان جو هر نماز کان پوءِ درگاهہ جي لاءِ، جماعت جي لاءِ، پاڪستان جي لاءِ ۽ پاڪستان جي فوج لاءِ دعا ڪريو. انهيءَ جي لاءِ چوندو هوس ته اگر اسان جي فوج ڪمزور هجي ها ته هندوستان اسان کي اهڙو خراب ڪري ها ، ليڪن خدا جي فضل و ڪرم سان پاڪستان جي فوج مضبوط هئي. هندوستان وارن سان اهڙو حال ڪيو آ جو جيستائين جيئرا آهن نه ٿا ڀلجي سگهن. هي فوج اوهان جي پنهنجي آ ، فوج آهي ته پاڪستان آهي، فيڊريشن کي فوج سنڀاليو ويٺي آهي، گڏريل اليڪشن کان پوءِ هڪ شيءِ سامهون اچي وئي آ جو ڪوئي به نيشنل ليول تي ليڊر ناهي، جو صوبن کي سنڀالي، فيڊريشن کي سنڀالي، سواءِ فوج جي هاڻي پيو ڪونه ٿو سنڀالي سگهي. تنهن ڪري فوج جي لاءِ هميشه دعا گهرو، اگر اسان جي فوج ڪمزور هجي

Jamia Rashidia Dargah Sharif Pir Jo Goth
SIKANDARIA PUBLICATIONS
Kingri - Khair Pur, Sindh, Pakistan

## بقايا خطاب مبارک

ها ته غزه ۾ ڏسو، لبنان ۾ ڏسو، سيريا ۾ ڏسو، عراق ۾ ڏسو، فوج ڪمزور ٿئي وئي اتي تباهي ٿي وئي. اسان جي عزت اسان جي فوج سان گڏ آ ۽ ان شاءَ الله آءُ اهو به اوهان کي ٻڌايان هن دفعي هندوستان پاڻي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوءِ اها پاڪستان ۽ هندوستان جي آخري جنگ ٿيندي. ان کان پوءِ ٻيهر جنگ ڪرڻ جي قابل هندوستان نه رهندو. تنهن جي ڪري هميشه فوج لاءِ دعاگو رهو. فوج اسان جي مضبوط آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ به ملڪ کان ٻاهر پاڪستاني مٿو مٿي ڪري گهمي سگهن ٿا ۽ هميشه مان چيو آ اوهان کي پنهنجي ٻارن جي صحبت تربيت صحيح ڪريو جو اوهان جي وس ۾ آهي باقي ته قسمت آ. ٻارن کي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪريو، ڇو جو مان معلومات وٺندو رهندو آهيان، خدا جي وڏي مهرباني آ جو اسان جي جماعت جون ڇوڪريون پڙهي لکي اڳتي وڏي ويون جو هر ميدان ۾ اڇي ويون آهن. اهو خدا جو لک لک ٿورو آهي. هن دفعي مان سڄي معلومات ڪئي ڇو جو اسان جو گذارو زمينداري تي آهي ڪاٿي پاڻي هو ڪاٿي نه هو، جنهن وٽ مال هو ، ڳئون يا ٻڪري اهو اڃان سُکي آهي، باقي جيڪو زمينداري تي هليو اهو تڪليف ۾ آهي، تنهنجي ڪري مال وڌايو، برڪت به آ، ڇو جو ڪلائيمينٽ موسم بدلجي وئي آ، ڪائي خبر نٿي پوي ڪنهن مهل بارش ٿيندي، ڪنهن مهل نه ٿيندي، موسم سڄو مٽجي ويو آ، پاڻي جي هرسال ڪمي ٿي ٿيندي وڃي، اگر اوهان وٽ مال آ ته رستن سان ، پاسي کان گاهه ڪائيندو مال ۾ اوهان کي برڪت آ، مال وڌايو، ٻيو جيترو ٿي سگهي وڻ پوکيو خدا اوهان کي برڪت ڏئي ، خدا اوهان جي ٻارن جا نصيب بهتر ڪري، حضور پاڪ ﷺ جي صدقي ۾ ، خدا تعاليٰ اوهان کي هر آفت، هر آزمائش، هر تڪليف کان پناهه ۾ رکي. خدا پنهنجي فوج کي ايتري توفيق عطا فرمائي جو اسان جي سرحدن جو خيال رکي ۽ دشمن کي هن دفعي سبق ڏنو آ، انهي کان ٻيڻ تي ڏئي. توهان پنهجي ٻارن جي ذهن ۾ هاڻي کان وجهو، ماڻهو ڪجهه به چون هي فوج اسان جي آ، اسان فوج سان هون، چاهي گرمي هجي، سردي هجي، غمي هجي يا خوشي هجي، اسان فوج کان پري نه ٿا ٿي سگهون. اگر اسان اهو سوچيو ته اسان فوج کان پري ٿا ٿيون ته پوءِ سمجهو اسان هن ملڪ سان وفادار نه آهيون. خدا تعاليٰ اوهان کي خوش رکي.

ترتيب: فقير امداد علي جتوئي.

## ماهوار الراشد جا سهڪاري

مفتي نور نبي شر سڪندري (مدرسه صبغة الهديٰ شاهپورچاڪر)، مفتي قربان علي حاجاڻو سڪندري (نوابشاهه)، مولانا نثار احمد نائچ سڪندري (صادق آباد)، فقير مختيار علي گهمرو (باگڙجي)، قاري محمد عثمان سنجراڻي( ٻرهوڻ)، مولانا محمد حسن ڏاهري سڪندري (شهدادپور)، فقير حبيب الله چنا (ڪڏڙو)، قاري اصغر علي ميمڻ ( لکي غلام شاهه)، مولانا سيف الله راڄڙ (ڪپرو)، مولانا علي اڪبر گجو سڪندري (سوندر)، مولانا ولي محمد راهمون سڪندري (ڇاڇرو) ،مولانا عبدالحليم راهمون سڪندري (ڏاهلي)، مولانا احمد رضا چارو سڪندري (مٺي)، قاري عزيز الله راڄڙ سڪندري (حيدرآباد)، مولانا فقير سائين ڏنو راڄڙ سڪندري (عمرڪوٽ)، مولانا محمد امين باگراڻي سڪندري (شهدادپور) مولانا محمد اسلم ڏاهري سڪندري (دوڙ)، مولانا عبدالرسول سهتو سڪندري (چونڊڪو) ، مولانا عبدالرحمان سومرو سڪندري (ڪوٽڏيجي) ، مولانا غلام فاروق شر سڪندري (پڪا چانگ) ، مولانا عبدالمالڪ شر (سوڀوديرو)، مولانا محمد ياسين شر، مولانا عطاء الرسول اڄڻ سڪندري (گمبٽ) ، مولانا عصمت الله سومرو (ڪنگري)، مولانا حبيب الله سڪندري (خيرپور) مولانا محمد اسلم راڄپر سڪندري (نري ميرواهه) ، قاري عرفان سهتو سڪندري (ملڪو واهڻ)، مولانا رجب علي ڪيريو سڪندري (ٽنڊوڄام) ، مولانا عبدالرزاق راهمون سڪندري (ٽنڊو الهيار) مولانا دريا خان سڪندري (ڄام نواز علي)، مولانا نصير احمد ڪلهوڙو سڪندري ( دوڙ، ڄام صاحب) مولانا محمد يعقوب پٽو سڪندري ( فريد آباد لاڙڪاڻو)، مولانا نوراحمد جيسر سڪندري (ڏوڪري)، مولانا صغير احمد سڪندري (دادو) ، مولانا عبدالرزاق چاچڙ سڪندري (پنو عاقل) مولانا اشفاق احمد پٽي (نڪرانو)، حافظ ساجن ڪنيڙو (احمد پور ڪنگري) ، فقير امداد ڪوش ( شڪارپور) ، مولانا ارباب تنيو سڪندري ( تعلقو لکي شڪارپور)، استاد يار محمد سهرياڻي (ڪنڌڪوٽ ڪشمور) ، مولانا محمد زمان ڪوسو سڪندري (جيڪب آباد)، مولانا محمد اڪرم لاشاري سڪندري (تنگواڻي ڪشمور) ، مولانا خالد حسين ڪيهر سڪندري (ڪشمور)، حافظ خان محمد ڪوش سڪندري (صادق آباد رحيم يار خان) ، مولانا محمد حنيف ابوپوٽو سڪندري (لياقت پور رحيم يار خان)، قاري محمد پنهل سڪندري (گهوٽڪي شهر) مولانا علي گل سپيو سڪندري (ڏهرڪي)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اهلسنت وجماعت ۽ خانقاه عاليه پيران پاڳاره
جو ديني، روحاني، علمي، ادبي ۽ فڪري ترجمان

# ماهوار الرّاشِد پيرجوڳوٺ

شمارو نمبر 338، محرم الحرام 1447 هجري، جولاءِ 2025

بياد
امام العارفين حضرت پيرسائين سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس الله تعالیٰ سره

بفيضان نظر
محسن ملت حضرت پيرسائين سيد شاهمردان شاه ثاني قدس الله تعالیٰ سره

سرپرست اعليٰ
سيدنا و مرشدنا حضرت پير سائين پاڳارا دامت برڪاته

چيف ايگزيڪٽو
مفتي دوست علي سڪندري

چيف ايڊيٽر
انجنيئر عبدالباسط هنگورو سڪندري

ايڊيٽر
حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري

اشاعتي نگران
علامه محمد حسن راجپوت سڪندري

مجلس ادارت
شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري
مفتي غلام شبير سڪندري
مفتي محمد اسماعيل سڪندري
مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري
ڊاڪٽر غلام عباس قادري سڪندري
مفتي فيض محمد سڪندري
مفتي حافظ حق النبي سڪندري
حافظ محمد مريد سڪندري

مجلس معاونين
مفتي محمد صاحبداد سڪندري
مفتي عنايت الله سڪندري
مولانا سيد ذوالفقار شاه سڪندري
مولانا مولابخش مهر سڪندري
مولانا احمد علي شر سڪندري
مولانا الهورايو سهتو سڪندري
مولانا قائم دين پيبو سڪندري
مفتي علي اڪبر يماني سڪندري

هديو: 100 روپيا، سالانو 1000 روپيا

سڪندريه پبليڪيشنز
جامعه راشديه درگاه شريف
پيرجوڳوٺ (ڪنگري) ضلع خيرپور، سنڌ.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اُولٰئِکَ هُمُ الرّٰاشِدُوْنَ فَضْلاً مِنَ اللّٰهِ وَ نِعْمَةً (القرآن)
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ

ماهوار الرّاشِد پيرجوڳو شمارو نمبر 338، محرم الحرام 1447 هجري، جولاءِ 2025

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 01 | اداريو | ادارو | 03 |
| 02 | راشد التفاسير | ادارو | 04 |
| 03 | درس حديث و ملفوظات | ادارو | 06 |
| 04 | شان فاروق اعظم رضي الله عنه | حافظ سجاد علي چارو | 07 |
| 05 | حضرت عمر فاروق رضي الله عنه | سڪندريه بنت معراج احمد | 12 |
| 06 | ڪربلا جو واقعو | حافظ عزيزالله سڪندري | 18 |
| 07 | خاتونِ جنت رضي الله عنها | سڪندريه بنت عبدالوهاب | 23 |
| 08 | پيرسائين پٽ ڌڻي قدس سره | مفتي عبدالخالق سڪندري | 25 |
| 09 | فڪري اونداهيون | علامه علي اڪبر راهمون | 30 |
| 10 | خليفو محمد عاقل هنگورو | فقير محمد عثمان هنگورو | 34 |
| 11 | مودّة في القربیٰ | علامہ شیراز علی سکندری | 39 |
| 12 | کسب معاش کے اساسی اصول | حافظ شاہد علی جامڑو۔ کراچی | 46 |


لکپڙھ، رابطي ۽ مواد موڪلڻ لاءِ
مرڪزي دفتر، جمعيت علماءِ سڪندريه۔ جامعه راشديه، درگاھ شريف پير جو ڳوٺ (ڪنگري) ضلعو خيرپور، سنڌ
Cell: 03063622638, 03458787086 | Email: aqm086@gmail.com

## اداريو:

# حسينيت جو پيغام

محرم الحرام جي ڏهين تاريخ، اسلامي شعور، حق پرستي، ۽ انسانيت جي بقاءَ جي علامت بڻجي چڪي آهي. هي ڏينهن دينِ اسلام جي اُن عظيم شهسوار، سيد الشهداءِ، جگر گوشهءِ رسول ﷺ، سردارِ جوانانِ جنت، امام حسين عالي مقام رضي الله عنه جي لازوال قربانيءَ سان منسوب آهي، جنهن ظلم، جبر، ۽ فسق و فجور جي اونداهي نظام خلاف پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري، اسلام جي بقاءَ ۽ حق جي سر بلندي جو باب لکيو.

امام حسين رضي الله عنه کي مدينہ منوره ۽ حرمين شريفين جي پرامن فضا، دنياوي آرام ۽ ظاهري سلامتي، ان وقت ڇڏڻي پئي جڏهن يزيد جي فاسق ۽ جابر حڪومت اسلام جي اصلي روح کي بگاڙي رهي هئي. امام عالي مقام حقيقي اسلام جي روح ۽ نبوي مشن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي اهل و عيال سميت حج جي احرام کي عمره ۾ بدلائي، الله جي زمين تي ظلم جي خلاف آواز اٿارڻ لاءِ ڪربلا جو سفر اختيار ڪيو.

ڪوفين جي هزارين دعوت نامن ۽ بيعت جي آڇن جي باوجود، امام حسين جي مقصد ۾ اقتدار نہ پر اصلاحِ امت، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي عظمت پئي هئي. پاڻ ڄاڻڻ باوجود تہ سامهون هڪ سنگدل لشڪر آهي، جن جو مقصد فقط ان کي شهيد ڪرڻ آهي، تڏهن بہ پنهنجي مقصد تي قائم ۽ ثابت قدم رهيا.

امام عالي مقام جو ڪربلا تائين سورهن سئو ڪلوميٽرن کان بہ وڌيڪ جو سفر، فقط رڳو هڪ ظالم حاڪم جي مخالفت نہ هئي، پر اها هڪ فڪرۓ فلسفي جي جدوجهد هئي. اها جدوجهد هئي حق جي بقاءَ، باطل جي رسوائي، انسان جي آزادي، ۽ دين جي حريت لاءِ. امام حسين جو پيغام آهي تہ جتي بہ ظلم هجي، اتي خاموشي بزدلي آهي، ۽ ظلم خلاف جدوجهد، حسينيت آهي.

## رَاشِـدُ التَفـاسِـير

### قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (36)

### از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته ”پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن“ جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان ”راشد التفاسير“ رکيو ويو آهي.

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ

”مَآ اَصَابَكَ مِنۡ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ“ (النساءِ :٧٩)

ترجمو: توکي جيڪا چڱائي پهچي ٿي سان الله تعاليٰ جي طرفان آهي.

جيڪڏهن ڪو گمنام مفلس شخص ڪنهن شاهوڪار کان ڪا عمدي پوشاڪ رعايتي وٺي وڃي پهري ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو ڪيس عزت ۽ مان شان وارو سمجهي عزت ڏين ۽ تعظيم بجا آڻن ته اها عزت انهيءَ شخص جي نه ٿئبي بلڪ اها انهي پوشاڪ جي عزت آهي، تنهن ڪري انهي مفلس کي گهرجي ته انهي تعظيم ۽ عزت کي پاڻ ڏي نسبت نه ڪري بلڪ پاڻ کي اهو ئي گمنام ۽ ڪنگال پائيندو رهي ۽ انهي عزت جي

نسبت انهي شخص ڏانهن ڪري، جنهن جي اها پوشاڪ آهي،مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪامل جي صحبت ڪري بداخلاقيون ۽ رذيل خصلتون مٽجي سهڻيون وصفون ۽ نيڪ عادتون حاصل ٿي پون، جنهن ڪري هو زماني ۾ ممتاز باعزت ۽ مرجع الخلائق ٿي پوي.ڪپيس تہ انهن فضيلتن ۽ ڪماليتن ڪي پاڻ ڏانهن نسبت نہ ڪري، بلڪہ

”مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ“ (النساءِ :٧٩)

ترجمو: توکي جيڪا چڱائي پهچي ٿي سان الله تعاليٰ جي طرفان آهي. موجب انهن چڱاين کي الله تعاليٰ جلشانہ ڏي يا پنهنجي شيخ ڏانهن نسبت ڪرڻ گهرجيس، ڇو تہ شيخ بہ وصل جي لاءِ وسيلو آهي.


## القادر گرافڪس سنجهورو

توهان مسودو ڏيو ، هڪ مڪمل تيار ٿيل ڪتاب يا مقالو ڪڻو. نهايت ئي مناسب قيمت ۾ عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪمپوزنگ ، پروف ريڊنگ ۽ سيٽنگ ڪئي وڃي ٿي. ان سان گڏ وزيٽنگ ڪارڊ، جلسن جا اشتهار، ڪتابن جا ٽائٽل ۽ گرافڪ ڊيزائين جو هر ڪم پروفيشنل طريقي سان ڪيو وڃي ٿو. مسجدن ۾لڳائڻ لاءِ نماز جو طريقو، وضو جو طريقو ۽ ٻيا چارٽ ، ڇپائي سميت تيار ڪري ڏنا وڃن ٿا.سڪندري عالمن ۽ شاگردن لاءِ خاص رعايت. مارڪيٽ کان انتهائي گهٽ ريٽ تي هي سهولتون دستياب آهن.

رابطي لاءِ: 03003550839، 03458787086

## درس حديث

عَنْ يَعْلَى بْنِ مُرَّةَ، قَالَ: خَرَجْنَا مَعَ النَّبِيِّ ﷺ إِلَى طَعَامٍ دُعِينَا لَهُ، فَإِذَا حُسَيْنٌ يَلْعَبُ فِي السِّكَّةِ، فَتَقَدَّمَ النَّبِيُّ ﷺ أَمَامَ الْقَوْمِ، وَبَسَطَ يَدَيْهِ، فَجَعَلَ الْغُلَامُ يَفِرُّ هَا هُنَا مَرَّةً، وَهَا هُنَا مَرَّةً، وَجَعَلَ النَّبِيُّ ﷺ يُضَاحِكُهُ حَتَّى أَخَذَهُ، فَجَعَلَ إِحْدَى يَدَيْهِ تَحْتَ ذَقَنِهِ، وَالْأُخْرَى تَحْتَ قَفَاهُ، ثُمَّ أَقْبَلَ عَلَيْنَا، فَقَالَ: "إِنَّ حُسَيْنًا مِنِّي، وَأَنَا مِنْ حُسَيْنٍ، أَحَبَّ اللَّهُ مَنْ أَحَبَّ حُسَيْنًا، حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِنَ الْأَسْبَاطِ".

(جامع ترمذي، حديث نمبر: ٣٧٧٥ ـــ سنن ابن ماجہ ـــ مستدرڪ حاڪم)

**حضرت يعلىٰ بن مرة رضي الله عنه بيان ڪن ٿا:**

اسان نبي ڪريم ﷺ سان گڏ ڪنهن طعام جي دعوت تي وياسين. اوچتو اسان ڏٺو تہ ننڍڙو حسين رستي ۾ راند پيو ڪري. نبي ڪريم ﷺ سيني ماڻهن کان اڳتي وڌيا، ۽ پنهنجي ٻانهن مبارڪن کي کوليائون. حسين ڀڄي ڀڄي ڪڏهن هڪ طرف پئي ويو تہ ڪڏهن ٻي طرف، ۽ رسول الله ﷺ کلندا رهيا، جيستائين حسين کي پڪڙي ورتائون.

پوءِ نبي ڪريم ﷺ پنهنجو هڪ هٿ سندس ڪاڏي هيٺان رکيو ۽ ٻيو هٿ سندس پُٺيءَ هيٺان، پوءِ اسان ڏانهن منهن ڪري فرمايائون:

"حسين مون کان آهي ۽ مان حسين کان آهيان. الله تعالىٰ ان شخص سان محبت ڪري، جيڪو حسين سان محبت ڪري. حسين تہ قبيلي مان هڪ قبيلي جو سردار آهي".

## درس ملفوظات شريف

عبدالله فقير کورواهي (کورواهہ ڪالهي جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي) نقل ٿو ڪري تہ،

هيڪر فقيرن مان ڪنهن شخص حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مخدوم ميان بهاءُ الدين رحمة الله عليه جا مريد جڏهن پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ ويندا آهن تڏهن پنهنجي پير جي حضور ۾ رڳو ٿي ڏينهن ترسي پوئتي موٽندا آهن تہ مرشد جي حضور ۾ زياده ٽڪڻ بي ادبي آهي؟

پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ادا!

" حضور جي بي ادبي پر پٺائي جي ادب کان وڌيڪ چڱي آهي ڇوتہ مرشد جي حضور جي برڪت سان انهيءَ بي ادب مريد کي الله تعاليٰ جل شانه نيٺ پورو ادب نصيب ڪري ڇڏيندو."

حلقه در گر کج بود بهتر بود
راست در بي حلقه هم کهتر بود

يعني: در جو ڪڙو توڙي ڏنگو هوندو آهي تہ بہ چڱو آهي ،دروازو توڙي سڌو آهي تہ بہ ڏنگي ڪڙي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو.

# شان فاروق اعظم رضي الله عنه

## حافظ سجاد علي چارو سکندري

حضور اکرم ﷺ جن جڏهن کان توحيد جي دعوت جو آغاز ڪيو ته مڪي جي مشرڪن هڪ طوفان برپا ڪيو، اهي ساڳي زبانون جيڪي پهريان مدح ثنائي جا گل نڇاور ڪنديون هيون اهي ئي طعن ۽ تشنيع جا تير وسائڻ لڳيون.

اهي نگاهون جيڪي فرط عقيدت منجهان راهن ۾ وڇايون وينديون هيون انهن منجهان غيظ وغضب جا شعلا ڀڙڪڻ لڳا. صله رحمي،قرابت داري جا مڙيئي رشتا ٽٽي ويا جور و جفا ظلم وستم جي هڪ انتهائي ابتر دور جو آغاز ٿيو.

هڪ جهرمٽ مسلمانن جو جيڪي ايمان جي دولت سان سرفراز ٿيا اهي اهل مڪه جي قوت جو مقابلو ڪري نه ٿي سگهيا هرشخص پنهنجي پنهنجي گهر ۾ عبادت ڪندو هو ۽ نبي اڪرم ﷺ جن اڪثر ڪري دار ارقم ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا جان نثار غلامن کي ديدار پسائيندا هئا توڙي جو نبي اڪرم ﷺ جن تي ايمان آڻڻ وارا مخلص هئا ۽ پنهنجي محبوب جي اشاري تي ڪافرن سان ٽڪر کائڻ جي لاءِ تيار هئا ليڪن رحمت عالم ﷺ پنهنجي مخلص ساٿين کي بلاوجهه ۽ قبل از وقت غير ضروري آزمائش ۾ مبتلا ڪرڻ مناسب نٿي سمجهيو.

مشرڪن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ظلم و ستم کي آقا عليه الصلواة والسلام برداشت ڪرڻ سان گڏ انهن جي ايمان لاءِ دعائون گهرندا رهيا.

سيرت ۽ حديث جي ڪتابن ۾ آيل آهي ته صبح صادق جي وقت حضور سرور ڪائنات ﷺ جن ڪعبة الله جو غلاف پڪڙي رب العالمين جي بارگاه لم يزل ۾ هيءَ دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اَعِزِّ الْاِسْلَامَ بِعُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ اَوْ عَمَرِو بْنِ الْهَشَامِ

اي منهنجا رب! اسلام کي عمر بن خطاب يا عمرو بن هشام جي ذريعي عزت عطا فرماءِ.

انهيءَ وقت مسلمانن جو تعداد ٣٩ هيو مسلمان بلڪل ڪمزور حالت ۾

هئا ۽ انهيءَ وقت تائين ڪين ڪعبة الله شريف ۾ عبادت ڪرڻ جي به اجازت نه هئي.

اسلام جي مخالفت ۾ عمر بن خطاب سرفهرست هيو ليڪن اسلام ته هن جي گهر ۾ داخل ٿي چُڪو هو هن جي هڪ ٻانهي البينه رضي الله عنها ۽ سندن ڀيڻ فاطمہ رضي الله عنها ۽ ڀيڻويو سعيد بن زيد رضي الله عنه مسلمان ٿي چُڪا هئا هيڏانهن قريشن آخري فيصلو ڪيو ته حضور اڪرم ﷺ جن کي معاذ الله شهيد ڪيو وڃي انهيءَ جو ذمو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ڪنيو پاڻ گهر کان رسول اڪرم ﷺ جن جي طرف وڃي رهيا هئا ته واٽ تي نصير بن عبدالله رضي الله عنه مليو جنهن پڇا ڪئي ته اي عمر! ڪاڏي ٿو وڃين پاڻ ڪيس سمورو حال احوال ٻڌايائون ته ان وقت نصير بن عبدالله چيو ته پهريان پنهنجي گهر جي خبر لهو پوءِ ڪا ٻي ڳالهه ڪريو. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اهو ٻڌي ڪري ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويا ۽ پنهنجي ارادي کي ڇڏي ڪري پنهنجي گهر جي طرف ويا ڀيڻ جي دروازي جو ڪڙو کڙڪايائين اندر ڀيڻ ۽ ڀيڻويو سورة طٰهٰ جي تلاوت ۾ مصروف هيا. هنن پڇا ڪئي ته ڪير؟ جواب مليو عمر بن خطاب. اهو ٻڌي ٻنهي کي پريشاني وٺي وئي ڀيڻويي جلد در کوليو. عمر بن خطاب ايندي ئي پڇا ڪيائين ته ڇا پڙهي رهيا هئا ٻئي خاموش رهيا ،تنهن تي ڀيڻويي کي رتو رت ڪري ڇڏيائين ۽ ڀيڻ کي به ۽ ڀيڻ ڪاوڙ منجهان ڪيس چيو ته اي الله تعالي جا دشمن! تون مون کي انهيءَ جي ڪري مارين ٿو جو آئون چوان ٿي ته الله هڪ آهي ان جو ڪوبہ شريڪ نه آهي جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته

اَشْهَدُ اَنْ لَّاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحْدَه لَا شَرِيکَ لَه وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُه وَرَسُوْلُه

هاڻي تنهنجي دل جيڪي چاهي سو ڀلي ڪر اهو ٻڌي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه سوچ ۾ پئجي ويا ڪجهه ٽائيم خاموش رهي چيائون ته جيڪو ڪجهه اوهان پڙهيو پيا سو مون کي به پڙهايو. ڀيڻ چيس تون ناپاڪ آهين هن ڪتاب مبين کي فقط پاڪ ئي ماڻهو هٿ لائي سگهي ٿو پهرين غسل ڪر پوءِ ڪتاب ڏيندس غسل ڪرڻ کان پوءِ قرآن پاڪ جا ورق هٿ ۾ ڪنيائين سورة طٰهٰ ۽ سورة حديد پڙهيائين تنهن کان پوءِ هن جي دل ۾ ايمان

۽ عشقِ رسول ﷺ سمائجي ويو ، حضور اڪرم ﷺ جن جي دربار اقدس ۾ پهتو اندران دروازو بند هجڻ ڪري دروازي تي آواز ڏنائين ته محمد ﷺ ڪٿي آهن پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سمورن صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين سان گڏ رونق افروز هئا حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو آواز ٻڌائون ته ڪجھ مسلمان گهبرائجي ويا حضرت امير حمزه رضي الله عنه ويٺو هيو ان فرمايو ته دڄڻ جي ڪابه ڳالھ نه آهي جيڪڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه نيڪ ارادي سان آيو آهي ته بسم الله ورنه مون ڪان بچي نه سگھندو حضور انور ﷺ جن اهي ڳالهيون ٻڌي فرمايو ان کي اندر اچڻ ڏيو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اندر آيو پاڻ ڪريم ﷺ جن پڇا ڪئي ته ڪهڙي ارادي سان آيو آهين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه عرض ڪيو ايمان آڻڻ ته الله تعالي ڪانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي توهان الله جا سچا رسول آهيو.

اهو ٻڌي ڪري حضور اڪرم ﷺ جن الله اڪبر جو فلڪ شگاف نعرو هنيو جنهن منجهان صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين کي معلوم ٿيو ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ايمان آندو آهي. جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن الله اڪبر جو نعرو هنيو ان وقت حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کين عرض ڪيو ته يا رسول الله! صلي الله عليڪ وسلم ڪافر پنهنجي ڪوڙن معبودن کي ظاهر ظهور پوڄيندا وتن اسان حق وارا پنهنجي معبود بالحق جي عبادت لڪي ويهي ڪريون اڄ هلو ته ڪعبة الله ( زادها الله شرفا وتعظيما) ۾ کُلي طرح عبادت ڪريون مون کي ان رب جو قسم آهي جنهن رب جل جلاله توهان کي سچو نبي بڻائي ڪري مبعوث فرمايو آهي ته مان جن مجلسن ۾ ويهي ڪفر جون ڳالهيون ڪندو هئس اڄ انهن ئي مجلسن ۾ ويهي ڪري اسلام جي پرچار ۽ ڳالهيون ڪندس. ڪافرن کي جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پئي ته اهي پنهنجن گهرن ۾ لڪي ويهي رهيا ۽ مسلمانن بيت الله شريف جي اڳيان کُلي طرح نماز ادا ڪئي.

حضرت عقبه بن عامر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن مون ڪان بعد نبي ٿيڻ ممڪن هجي ها ته عمر بن خطاب ٿئي ها. پر جڏهن ته مون ڪان پوءِ ڪنهن به قسم جو نبي پيدا نه ٿيندو ان

ڪري عمر فاروق رضي الله عنه به نبي نه ٿيندو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه انتهائي شان ۽ وقار وارا صحابي رسول آهن. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه الله جل مجده جي طرفان محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي لاءِ خاص عطيو ۽ تحفو آهي جنهن کي منتخب ڪري سندن خدمت اقدس ۾ موڪليو ويو ۽ سندن ساٿ ۾ رهڻ لاءِ چونڊيو ويو، شيطان ٻين ماڻهن جي رت ۾ ملي ويندو آهي پر حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي پري کان ڏسي سندن اچڻ واري واٽ ئي ڇڏي ڀڄي ويندو آهي عمر فاروق رضي الله عنه حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪڏهن به ڪو مشورو عرض ڪيو ته ڪيترائي ڀيرا سندس مشوري مطابق آيتون نازل ٿيون.

هڪ ڀيري نبي اڪرم ﷺ کان عمري تي وڃڻ لاءِ اجازت طلب ڪيائون ته پاڻ ﷺ کيس فرمايائون ته اي منهنجا ڀاءُ! مون کي پنهنجي دعائن ۾ نه وسارجان حضرت عمر فاروق رضي الله عنه دين ۾ نهايت مضبوط ۽ ڪامل هيا پاڻ به عمل ڪندا هيا ۽ ٻين کي دين بابت سختي سان عمل ڪرائيندا هيا ۽ عمل ڪرڻ کي وڌيڪ پسند فرمائيندا هيا ۽ سندس مُهر مبارڪ جيڪا هٿ ۾ منڊي ڪري پائيندا هيا ان جو نقش هي الفاظ هوندا هيا:

ڪَفٰي بِالْمَوْتْ وَاعِظًا

اي عمر! موت نصيحت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي

محدث ترمذي روايت ڪئي آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته

اِنَّ اللهَ جَعَلَ الحْقَّ عَلٰي لِسَانِ عُمَرَ وَقَلْبِه

يعني الله تعالي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زبان ۽ دل تي حق جاري فرمايو آهي مطلب ته صرف زباني مسلمان نه بلڪه زباني ۽ دلي طرح پڪا ۽ سچا مومن آهن جيئن سندس زبان حق ڳالهائيندي آهي تيئن سندس دل ۾ به حق ئي حق هوندو آهي.

# حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جو نياڻو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه

سڪندريه بنت مفتي معراج احمد سڪندري

حضرت سيدة ام ڪلثوم بنت سيدة فاطمة الزهراء رضي الله عنهما جو نڪاح امير المؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه سان ٿيو اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، جنهن ڪي مؤرخين ۽ محدثين عليهم الرحمة جي هڪ وڏي تعداد لکيو آهي.

حضرت سيد پير مهر علي شاه گولڙوي رحمة الله عليه لکن ٿا:

*و ام کلثوم رضی اللہ عنہا را بنکاح آورد امیر المومنین عمر رضی اللہ عنہ پس پسرے زید نام برائے او بزاد و بعد عمر رضی اللہ عنہ، عون بن جعفر بزنے خواست بعد ازوے محمد بن جعفر بعد ازوی عبد اللہ بن جعفر۔*

حضرت سيدتنا ام ڪلثوم رضي الله عنها ڪي امير المؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي نڪاح ۾ آندو ان مان هڪ صاحبزادو زيد نالي پيدا ٿيو حضرت عمر رضي الله عنه کان بعد عون بن جعفر رضي الله عنهما جي نڪاح ۾ آئي ان کان پوءِ حضرت محمد بن جعفر رضي الله عنهما ان کان پوءِ عبد الله بن جعفر رضي الله عنهما جي نڪاح ۾ آئي. (تحقيق الحق في ڪلمة الحق)

سيدنا ثعلبہ بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنه مديني جي عورتن ۾ چادرون تقسيم ڪيون تہ هڪڙي پلي چادر بچي پئي ان وٽ ويٺلن مان ڪنهن چيو اي امير المؤمنين! هي چادر نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي نياڻي (يعني ڏوهٽي) ڪي ڏيو جيڪا توهان جي زوجيت ۾ آهي ان جي مراد حضرت ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنهما هئي . سيدنا عمر فرمايو ام سليط وڌيڪ حقدار آهي (ام سليط انصاري عورت هئي جنهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي هئي.)

سيدنا عمر فرمايو ام سليط جنگ احد جي ڏينهن اسان جي لاءِ مشڪيزون ڀري ڪري آڻيندي هئي. (بخاري ،ڪتاب المغازي)

شيخ الاسلام حافظ ابن حجر عسقلاني رحمة الله عليه ان حديث جي شرح ۾ لکن ٿا ته سيدة ام ڪلثوم رضي الله عنها بنت علي المرتضي رضي الله عنه، سيدنا عمر رضي الله عنه جي گهر واري هئي ۽ ان جي ماءُ حضرت سيدة فاطمة بنت رسول صلى الله عليه وسلم هيون ان جي ڪري ماڻهن بيبي ام ڪلثوم کي بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم چيو. ام ڪلثوم رضي الله عنها رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي زندگي ۾ ئي پيدا ٿي هئي ۽ هي سيدة فاطمة رضي الله عنها جي سڀني کان ننڍي ڌيءَ هئي .

امير المؤمنين في الحديث امام بخاري رحمة الله عليه ۽ شارح بخاري حافظ ابن حجر عسقلاني رحمة الله عليه جي ان تصريح مان واضح ٿيو ته سيدة ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنهما سيدنا عمر بن خطاب رضي الله عنه جي زوجه هئي.

سيدة ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنهما جي بطن مبارڪ مان سيدنا عمر رضي الله عنه جو صاحبزادو حضرت زيد بن عمر پيدا ٿيو.خلافت فاروقي کان پوءِ انهن ماءُ ۽ پٽ جو هڪڙي ئي ڏينهن انتقال ٿيو ۽ انهن جو جنازو به گڏ ادا ڪيو ويو.

حضرت نافع موليٰ ابن عمر رحمة الله عليه روايت ڪن ٿا ته سيدنا عبد الله بن عمر رضي الله عنهما نوَ (٩) ميتن تي گڏي نماز جنازه ادا ڪئي ان مذڪر ميتن کي امام جي طرف ۽ مؤنث ميتن کي قبلي جي طرف رکيو انهن سڀني جي هڪ صف ٺاهيائين جڏهن ته سيدة ام ڪلثوم، جيڪا سيدنا علي المرتضيٰ جي صاحبزادي ۽ سيدنا عمر فاروق جي زوجه محترمه هئي ان کي ۽ ان جي پٽ زيد کي گڏ رکيائون ان ڏينهن سيدنا سعيد بن عاص رضي الله عنه امام هيو جڏهن ته جنازوپڙهڻ وارن ۾ حضرت عبد الله بن عمر ،ابو هريرة، ابو سعيد خدري ۽حضرت ابو قتادة رضي الله عنهم اجمعين شامل هئا ،ٻار کي امام جي طرف رکيو ويو.(سنن نسائي،سنن دار قطني،سنن ڪبريٰ للبيهقي)

شيعا مؤرخ احمد بن يعقوب ١٧ هجري خلافت فاروقي جي احوال ۾ لکيو آهي ته انهي سال سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه ،سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنه

جي طرف ان جي ڏيءَ ام ڪلثوم جي لاءِ نڪاح جو پيغام موڪليو. ياد رهي ته هي ام ڪلثوم، رسول الله ﷺ جن جي صاحبزادي سيدة فاطمہ جي لخت جگر هئي سيدنا علي ، حضرت عمر کي چيو ام ڪلثوم اڃان عمر ۾ ننڍي آهي حضرت عمر چيو مان هي رشتو صرف ان لاءِ طلب ڪري رهيو آهيان جو مان رسول الله ﷺ کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي ته قيامت جي ڏينهن سمورا نسب ۽ سبب ٽٽي ويندا سواءِ منهنجي تعلق، نسب ۽ ساهراڻي رشتي جي. هاڻي منهنجي هي خواهش آهي ته رسول الله ﷺ سان تعلق ۽ ساهراڻو رشتو ٿي وڃي ان تي سيدنا علي ان سان ڏهہ هزار دينار حق مهر جي عوض پنهنجي صاحبزادي جي شادي ڪري ڇڏي.

(تاريخ يعقوبي)

اهل سنت ۽ اهل تشُيُع جي بي شمار ڪتابن ۾ سيدة ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنهما جي سيدنا عمر بن خطاب سان شادي بالصراحة ذڪر ٿي آهي. اهل سنت و جماعت وٽ ان شادي جي انعقاد تي ڪو به اختلاف ناهي بلڪه اجماع آهي ته سيدنا عمر جو نڪاح ،سيدنا علي جي نياڻي سيده ام ڪلثوم سان ٿيو هو.

نبي ڪريم ﷺ جي زوجه مطهره سيده خديجه جي بطن مبارڪ مان سيده فاطمہ جنم ورتو ۽ حضرت فاطمہ جي شادي حضرت علي سان ٿي پوءِ حضرت فاطمہ جي بطن مان ام ڪلثوم پيدا ٿي، سيده ام ڪلثوم بنت علي جو نڪاح حضرت عمر فاروق سان ٿيو جڏهن تہ عمر جي نياڻي حضرت حفصه حضور نبي ڪريم ﷺ جي نڪاح ۾ هئي ان جي بطن مبارڪ مان حضور اڪرم ﷺ جي ڪا اولاد پيدا نه ٿي. ان جي ڪري سيده ام ڪلثوم بنت علي حضرت عمر فاروق جي ڏوهٽي يا ڏوهٽي جي ڌيءَ ناهي شرعا ان نڪاح ۾ ڪرڪاوٽ ناهي قرآن ۽ حديث جي تعليمات جي روشني ۾ حضرت ام ڪلثوم بنت علي حضرت عمر فاروق جي محرم نه بڻبي حضرت سيده ام ڪلثوم بنت حضرت سيده فاطمہ جو نڪاح حضرت عمر فاروق سان ٿيو. (تاريخ طبري)

حضرت ام ڪلثوم بنت حضرت سيده فاطمة الزهراء جو نڪاح حضرت عمر فاروق سان ٿيو هيو. (طبقات ابن سعد)

نافع موليٰ ابن عمر کان روايت آهي ته عمر بن خطاب جي گھرواري ام ڪلثوم بنت علي جو جنازو رکيو ويو ۽ ان جي پٽ جو جنازو رکيو ويو جنهن کي زيد (بن عمر بن خطاب) چوندا هئا. (سنن نسائي)

مشهور ثقه تابعي امام شعبي رحمة الله عليه کان روايت آهي ته ابن عمر پنهنجي ڀاءُ زيد بن عمر ۽ ان جي والده ام ڪلثوم بنت علي جو جنازو پڙهيو. (مسند علي بن الجعد)

امام شعبي کان ٻي روايت ۾ آيو آهي ته ابن عمر رضي الله عنهما ام ڪلثوم بنت علي ۽ ان جي پٽ زيد (يعني پنهنجي ڀاءُ) جو جنازو پڙهيو. (مصنف ابن ابي شيبه)

عبد الله البهي (تابعي صدوق ) کان روايت آهي ته مان ڏٺم ته ابن عمر ام ڪلثوم ۽ زيد بن عمر بن خطاب جو جنازو پڙهيو. (طبقات ابن سعد)

ان جنازي جي باري ۾ عمار بن ابي عمار (ثقه و صدوق) چيو ته مان به اتي حاضر هيم. (طبقات ابن سعد)

مٿي ذڪر ڪيل صحيح روايتن جي تائيد ۾ ائمه اهل بيت ۽ علماءِ ڪرام جا ڪجھ قول ۽ وڌيڪ حواله پيش ڪجن ٿا:

امام علي بن حسين (زين العابدين) کان روايت آهي ته بيشڪ عمر بن خطاب ،حضرت علي کان ام ڪلثوم جو رشتو گھريو، چيائين ان جو نڪاح مون سان ڪريو ته حضرت علي فرمايو مان ان کي پنهنجي ڀائٽي عبد الله بن جعفر جي لاءِ رکيو آهي، پوءِ حضرت عمر چيو ان جو نڪاح مون سان ڪريو ڇو ته الله جو قسم! جيتري مون کي ان جي طلب آهي ماڻهن مان ڪنهن کي ايتري طلب ناهي پوءِ حضرت علي رضي الله عنه ام ڪلثوم کي حضرت عمر فاروق جي نڪاح ۾ ڏنو پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه مهاجرن وٽ آيو چيائين ڇا توهان مون کي مبارڪ نه ڏيندؤ؟ انهن پڇيو اي امير المؤمنين! ڇا جي مبارڪ ؟ پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو فاطم بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم

جي نياڻي ام ڪلثوم بنت علي سان شادي جي مبارڪ. (المستدرڪ للحاڪم)

امام محمد بن علي بن حسين الباقر ابو جعفر رضي الله عنه فرمايو حضرت عمر، حضرت علي بن ابي طالب کان ان جي نياڻي ام ڪلثوم جو رشتو گهريو ته حضرت علي فرمايو مان پنهنجون نياڻيون بنو جعفر (جعفر بن ابو طالب جي اولاد) جي لاءِ روڪي رکيون آهن ته حضرت عمر چيو اوهان مون سان ام ڪلثوم جو نڪاح ڪرايو ڇو ته الله جو قسم مون کان علاوه پوري زمين تي ڪو به ٻيو ان سان حسن معاشرت جو طلبگار ناهي پوءِ حضرت علي رضي الله عنه عنہ فرمايو قد انڪحتڪها مون ان جو نڪاح توسان ڪري ڇڏيو...............الخ (سنن سعيد بن منصور)

عاصم بن عمر بن قتاده فرمايو حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ،حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان ان جي نياڻي ام ڪلثوم جو رشتو گهريو اها رسول الله ﷺ جي نياڻي فاطمہ جي ڌيءَ هئي پوءِ حضرت علي ان (ام ڪلثوم) جو نڪاح حضرت عمر سان ڪيو. (سيرة لابن اسحاق)

محمد بن اسحاق بن يسار امام المغازي فرمايو حضرت علي ۽ حضرت فاطمہ بنت رسول الله ﷺ جي نياڻي ام ڪلثوم جو نڪاح حضرت عمر بن خطاب سان ٿيو ته ان کي زيد بن عمر ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي پوءِ حضرت عمر فوت ٿي ويو ان حال تي جو ام ڪلثوم حضرت عمر جي نڪاح ۾ هئي. (سيرة لابن اسحاق)

عطاء خراساني فرمايو حضرت عمر حضرت ام ڪلثوم بنت حضرت علي کي چاليهہ هزار جو مهر ڏنو هيو. (طبقات ابن سعد)

ابن شهاب زهري (تابعي) فرمايو ام ڪلثوم بنت حضرت علي سان عمر بن خطاب شادي ڪئي ته ان جو پٽ زيد بن عمر پيدا ٿيو. (تاريخ دمشق لابن عساڪر)

ابو عبد الله (جعفر صادق)کان روايت آهي ته جڏهن عمر فوت ٿي ويو حضرت علي آيو ۽ حضرت ام ڪلثوم کي پنهنجي گهر وٺي ويو.
(الفروع من الڪافي)

ان روايت جي سند شيعن جي اصول سان صحيح آهي. ابو عبد الله

امام جعفر صادق کان روايت آهي ته جڏهن حضرت عمر فوت ٿي ويو ته حضرت علي اچي ڪري حضرت ام ڪلثوم جو هٿ پڪڙيو ۽ پنهنجي گهر وٺي ويو. (الفروع من الڪافي)

هڪ عبرت انگيز واقعو پيش ڪجي ٿو وزير معز الدوله احمد بن بويه شيعو هيو (ڏسو سِيَر اعلام النبلاءِ ١٦/١٩٠) ان جي موت وقت هڪ عالم ان وٽ ويو ۽ صحابه ڪرام جا فضائل بيان ڪيائين ۽ چيائين بيشڪ حضرت علي پنهنجي نياڻي ام ڪلثوم جو نڪاح حضرت عمر بن خطاب سان ڪيو هيو. احمد بن بويه ان ڳالهه کي تمام وڏو سمجهو ۽ چيائين مون کي ان جو علم نه هيو پوءِ ان توبه ڪري گهڻو مال صدقو ڪري ڇڏيو ، پنهنجي غلامن کي آزاد ڪيائين ۽ گهڻن ئي ظلمن جو اِزالو ڪيائين ۽ روئڻ لڳو ايسيتائين جو ان تي بي هوشي طاري ٿي وئي.

(المنتظم لابن الجوزي)

اهلِ تشيع کي درخواست آهي ته اهي پنهنجي ان وزير وانگر توبه ڪن ۽ جيڪڏهن نه ته هي ڳالهه ياد رکن ته رب العالمين جي سامهون پنهنجي سمورن قولن ۽ فعلن جو جواب ڏيڻو پوندو ۽ ان ڏينهن الله جي عذاب کان ڇڏائڻ وارو ڪو به نه هوندو.

**(نوٽ: هن مضمون جي ليکڪه مدرسة البنات خديجة الڪبريٰ فهميديه پير جو ڳوٺ جي شعبه درس نظامي جي استاد آهي.)**

**اعتذار**

ماهوار الراشد جي گذريل شماري ۾ ، استاد سائين محمد صالح مهر عليه الرحمة جي ٻاراهي شريف جي تفصيل ۾ به اهم نالا خليفي سائين احمد صالح مهر، خليفي سائين محمد اڪرام ڪوسو صاحب جا رهجي ويا. جن جي نشاندهي بعد ۾ ڪئي وئي. اسان کان اڻ ڄاڻائي ۾ اهو ٿي ويو. اميد ته مٺيان مهربان هي اعتذار قبول ڪندا.

# ڪربلا جو واقعو

## حافظ عزيز الله سڪندري

جڏهن يزيد پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ عهدو سنڀاليو، تہ پهريون ڪم جيڪو هن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اهو هو بيعت. ان مقصد لاءِ، هن مديني جي گورنر، وليد بن عتبہ کي خط بہ لکيو، جنهن ۾ هن کي حڪم ڪيو ويو تہ هو مديني جي ماڻهن کان بيعت وٺي. خاص طور تي، هن کي حضرت امام حسين رضي الله عنه، عبدالله بن زبير رضي الله عنه ۽ عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان بيعت وٺڻ گهرجي ۽ انهن کي ڪا بہ مهلت نہ ڏيڻ گهرجي. وليد بن عتبہ حضرت امام حسين رضي الله عنه ۽ عبدالله بن زبير رضي الله عنه کي سڏايو. امام عالي مقام حضرت حسين رضي الله عنه، پنهنجن مائٽن ۽ نوڪرن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا ۽ سڀني کي ٻاهر ڇڏي پاڻ اندر هليا ويا. گورنر يزيد جو خط پڙهيو ۽ امام حسين رضي الله عنه کي ٻڌايو ۽ امير معاويہ رضي الله عنه جي وفات جي خبر ڏني. حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ، "مان خفيہ طور تي بيعت نہ ڪندس. جڏهن توهان مجلس ۾ اچو ۽ توهان سڀني کان بيعت وٺو، تہ مون کي بہ بيعت ڪرڻ لاءِ چئو." پاڻ بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هليا ويا. (طبري)

حضرت عبدالله بن زبير هڪ رات جي مهلت گهري، تنهن ڪري رات جو مڪي هليو ويو. جڏهن حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کي بيعت ڪرڻ لاءِ سڏيو ويو، تڏهن انهن چيو، "ڪهڙي تڪڙ! مان بہ ان شخص جي هٿ تي بيعت ڪندس جنهن تي سڀئي مسلمان بيعت ڪندا، جيتوڻيڪ هو حبشي هجي." (ابن خلدون)

ٻئي رات، حضرت امام حسين رضي الله عنه پنهنجن پٽن، ڀائرن ۽ ڀائٽين سان گڏ مديني مان مڪي لاءِ نڪتا. جڏهن ڪوفين کي خبر پئي تہ هو مڪي ويو آهي، تہ انهن ڪيس خط لکي هتي اچڻ لاءِ چيو ته اسان نعمان بن بشير سان بيعت نہ ڪئي، ۽ نہ ئي جمعي ۽ عيد تي اسان ساڻس گڏ هئاسين. (ابن خلدون)

خط ملڻ کان پوءِ، امام حسين رضي الله عنه پنهنجي سؤٽ، حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه کي ڪوفي ڏانهن سفير بڻائي موڪليو ۽ ان کان پڇيو تہ اتي جي

صورتحال بابت انهن کي آگاهي ڏيو. جڏهن حضرت مسلم بن عقيل اتي پهتا تہ ڪوفي جي ماڻهن سندس بيعت ڪرڻ شروع ڪئي. لڳ ڀڳ ٻارهن هزار ماڻهن سندس بيعت ڪئي. حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه امام کي خط لکي ڪوفي اچڻ لاءِ چيو، ڇاڪاڻ تہ ڪوفي جا ماڻهو سندس بيعت ڪرڻ چاهين ٿا. جڏهن ابن زياد کي اها خبر پئي تہ هن ماڻهن کي ڌمڪي ڏني ۽ انهن کي حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه کان پري رهڻ لاءِ چيو ۽ حضرت هاني کي گرفتار ڪيو، جنهن کيس پناهہ ڏني هئي ۽ بعد ۾ حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه کي گرفتار ڪري ٻنهي کي شهيد ڪري ڇڏيو.

جڏهن امام حسين رضي الله عنه ڪوفي ڏانهن وڃڻ چاهيو تہ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کيس اتي وڃڻ کان روڪيو ۽ چيو تہ، "مون کي ڊپ آهي تہ اتي جا ماڻهو اوهان کي دوکو ڏيندا، رد ڪندا ۽ اوهان جي مخالفت ڪندا. جيڪڏهن اهي حملو ڪندا تہ اهو وڌيڪ سخت ٿيندو." پاڻ فرمايو تہ، "مان خدا کان ڀلائي گهران ٿو." جڏهن پاڻ پنهنجي سفر تي نڪتا تہ رستي ۾ کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر پاڻ فرمايو تہ، "منهنجي ناني جي دين کي منهنجي ضرورت آهي ۽ ڪوفي جا ماڻهو مون کي سڏي رهيا آهن، تنهنڪري مان پنهنجو سفر ڇڏي نٿو سگهان." رستي ۾، صفا ۾، شاعر فرزدق بن غالب سان ملاقات ٿي، جيڪو عراق کان آيو هو. هن کان اتي جي صورتحال بابت پڇيو، ۽ هن چيو، "ماڻهن جون دليون توهان سان آهن، ۽ تلوارون بنو اميہ سان آهن، ۽ حڪم خدا جي هٿ ۾ آهي."

هلندي هلندي، سندس قافلو هڪ هنڌ پهتو ۽ پاڻ اتي خيما هنيا. پڇيو تہ هي ڪهڙي جاءِ آهي. کيس ٻڌايو ويو تہ ان جاءِ جو نالو ڪربلا آهي. پاڻ چيو، "هي مصيبت ۽ آفت جي سرزمين آهي." (ابن خلدون)

ابن زياد عمرو بن سعد بن وقاص کي فوج جو ڪمانڊر بڻايو ۽ ان کي پٺيان موڪليو. ابن زياد سعد بن عمرو کي خط لکيو، جنهن ۾ چيو ويو تہ، "جيڪڏهن امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس ساٿي يزيد جي بيعت ڪن ٿا، تہ پوءِ اسان جيڪو مناسب سمجهون ٿا اهو ڪنداسين." ساڳئي وقت، ابن زياد لکيو تہ جيڪڏهن امام حسين رضي الله عنه لاءِ پاڻي بند ڪيو ويو تہ ٿورو پاڻي بہ هن

تائين نہ پهچندو. سندس شهادت کان ٿي ڏينهن اڳ، سندس (رضي الله عنه) لاءِ پاڻي بند ڪيو ويو.

محرم جي نائين تاريخ تي، عصر جي نماز کان پوءِ، ابن سعد امام حسين رضي الله عنه تي حملو ڪيو. ان وقت، پاڻ پنهنجي خيمي ۾ ويٺا هئا. پاڻ ابن سعد کي پيغام موڪليو تہ اڄ رات اسان کي مهلت ڏيو تہ جيئن اسان پنهنجي رب کان معافي گهرون ۽ دعا گهرون، دعا گهرون ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريون. صبح جو جيڪو ٿيڻو آهي اهو ضرور ٿيندو. (ابن خلدون)

امام حسين رضي الله عنه پنهنجي ساٿين کي خطبو ڏنو. مان پنهنجن ساٿين کي بهترين سمجهان ٿو. منهنجي اهل بيت کان وڌيڪ ڪو بہ نيڪ ناهي، ۽ نہ ئي انهن کان وڌيڪ وفادار مائٽ آهن. مون کي پڪ آهي تہ اهي ماڻهو صبح جو مون کي شهيد ڪندا. اهي سڀ منهنجي رت جا پياسي آهن. مان خوشيءَ سان توهان سڀني کي واپس اچڻ جي اجازت ڏيان ٿو. الله تعالىٰ توهان کي نيڪ بدلو ڏئي. پر سندن ساٿين ڪين اڪيلو ڇڏڻ کان انڪار ڪيو.

امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس ساٿين سڄي رات الله تعالىٰ جي عبادت ۽ دعا ۾ گذاري. جڏهن صبح ٿي تہ پاڻ پنهنجن ساٿين سان گڏ فجر جي نماز ادا ڪئي. اهو ڏهہ محرم ۽ جمعي جو ڏينهن هو. ان کان پوءِ، پاڻ پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ يزيدي فوج ڏانهن ويا ۽ انهن کي خطاب ڪيو.

”الله جي حمد ۽ ثنا ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ درود پاڪ پڙهيو ۽ يزيدين کي چيو، "منهنجي نسب تي غور ڪريو ۽ ڏسو تہ مان ڪير آهيان. ڇا توهان لاءِ مون کي قتل ڪرڻ ۽ منهنجي بي عزتي ڪرڻ جائز آهي؟ ڇا مان توهان جي نبي جو ڏوهٽو نہ آهيان؟ ڇا توهان نہ ٻڌو آهي تہ حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم مون ۽ منهنجي ڀاءُ حسن رضي الله عنه بابت چيو هو، "توهان جنت جي نوجوانن جا سردار آهيو. جيڪو مان توهان کي ٻڌائي رهيو آهيان ان جي تصديق ڪريو. مان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهيان." پر سندس خطاب جو يزيدي فوج تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو. جڏهن حر کي خبر پئي تہ يزيد امام حسين رضي الله عنه کي شهيد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، تہ هو يزيد جي فوج کان الڳ ٿي ويو ۽ امام حسين رضي الله عنه وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين، ”مان اهو آهيان جنهن توهان کي

واپس وڃڻ نہ ڏنو. مان توهان ڪان معافي گهران ٿو ۽ توبہ ڪريان ٿو۽ مان توهان جي خدمت ۾ اچڻ ۽ توهان جي مدد ڪرڻ ۽ توهان جي لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ چاهيان ٿو.“

امام حسين رضي الله عنه فرمايو، "الله توهان جي توبہ قبول ڪري ۽ توهان جون غلطيون معاف ڪري." پاڻ حر کي معاف ڪيو. ان ڪان پوءِ حر جنگ ۾ شامل ٿيڻ ۽ يزيدي جي فوج جي سامهون وڃڻ جي اجازت گهري. امام حسين رضي الله عنه اجازت ڏني. حر ڪوفين کي مخاطب ڪندي چيو، "افسوس جي ڳالهہ آهي تہ توهان پاڻ امام حسين رضي الله عنه کي دعوت ڏني ۽ هاڻي ان کي شهيد ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. توهان ان لاءِ پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي. توهان اهل بيت رسول سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو آهي؟" ڪوفين جواب نہ ڏنو، پر تيرن جو مينهن وسايو. ان ڪان پوءِ عمرو بن سعد تير هلائي چيو، "اي ماڻهو، شاهد رهو. مون پهريون تير هلايو." اهڙي طرح جنگ شروع ٿي.

امام حسين رضي الله عنه جا ساٿي بهادري سان ميدان ۾ داخل ٿيا ۽ ڪوفين کي قتل ڪندا رهيا. اهل بيت ۾، حضرت علي اڪبر رضي الله عنه پهريون شخص هو جيڪو ميدان جنگ ۾ داخل ٿيو ۽ بهادري سان ڪوفين سان وڙهيو. هڪ ڪوفي ڪيس نيزي سان وار ڪيو، جنهن ڪري هو زمين تي ڪري پيو ۽ ڪوفين ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت عباس، عبيدالله بن عمير، عون بن عبدالله، محمد بن عبدالله، عبدالرحمان بن عقيل، حضرت قاسم، ابوبڪر بن حسين سڀ ڪوفين سان وڙهندي شهيد ٿي ويا.

امام حسين رضي الله عنه شهزادي علي اصغر کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي رهيا هئا ۽ ان سان پيار ڪري رهيا هئا تہ هڪ يزيدي ملعون شخص هڪ تير هلايو جيڪو ننڍي شهزادي جي ڳچيءَ ۾ لڳو. ڇهن مهينن جو علي اصغر بہ شهيد ٿي ويو. ان ڪان پوءِ، امام حسين رضي الله عنه ميدان جنگ ۾ نڪتا. هن وڏي بهادري سان يزيدين جو مقابلو ڪيو، شينهن وانگر ڪوفين تي حملو ڪيو ۽ پنهنجن طاقتور حملن سان انهن جا منهن الٽا ڪيا. هن چيو: توهان ماڻهو مون کي مارڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيو. الله جو قسم، مون کي مارڻ تي الله توهان تي تمام گهڻو ناراض ٿيندو. ۽ الله جو عذاب توهان تي نازل ٿيندو. (ابن خلدون)

جڏهن امام حسين رضي الله عنه ڪوفين جا ورق الٽي رهيا هئا. شمر اهو ڏٺو ۽ چيو، "توهان تي لعنت هجي. توهان سيني گڏجي حملو ڪريو." پوءِ هر طرف کان تيرن جو مينهن وسڻ لڳو. امام حسين رضي الله عنه زخمي ٿي پيا ۽ پنهنجي گهوڙي تان لهي پيا. هڪ يزيدي سندس مبارڪ سيني تي سوار ٿيو ۽ کيس چيو تہ هيٺ لهي وڃ ۽ مون کي دعا ڪرڻ ڏي.

امام حسين رضي الله عنه سجدو ڪيو، ۽ يزيدي ملعون پنهنجي تلوار سان سندس سر سندس جسم کان ڌار ڪري ڇڏيو. جمعي جي ڏينهن، ١٠ محرم تي، امام حسين رضي الله عنه شهادت جو عظيم درجو حاصل ڪيو. سندس پاڪ جسم تي ٽيٽيهہ تيرن جا زخم ۽ ٽيتاليهہ تلوار جا زخم هئا.

حضرت سلمہ فرمائي ٿي، "مان حضرت ام سلمہ عليہ السلام وٽ آيس ۽ هوءَ روئي رهي هئي." جڏهن مون سبب پڇيو تہ هن چيو تہ، مون خواب ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي ڏٺو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ، "منهنجو حسين شهيد ٿي ويو آهي. مان هاڻي اتان آيو آهيان." الله تعاليٰ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي عظيم شهادت جي خبر حضور صلي الله عليہ وسلم کي سندن حياتيءَ ۾ ڏني هئي. حضرت جبرائيل عليہ السلام مٽي کڻي حضور صلي الله عليه وسلم وٽ آيا ۽ عرض ڪيو تہ، "يا رسول الله! هي ان جاءِ جي مٽي آهي جتي امام حسين عليہ السلام کي شهيد ڪيو ويندو." پاڻ اها مٽي حضرت ام سلمہ کي ڏني ۽ چيو تہ، "جڏهن هن مٽي جو رنگ ڳاڙهو ٿي وڃي تہ پوءِ سمجهو تہ حضرت حسين شهيد ٿي ويا آهن." جڏهن حضرت ام سلمہ مٽي ڏٺي تہ ان جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو هو.

# جنتي عورتن جي سردار

## سڪندريہ بنت مفتي عبدالوهاب سڪندري

حضرت فاطمه رضي الله عنها نبي ڪريم ﷺ جي سڀ کان ننڍي صاحبزادي آهي، دنيا ۽ آخرت جي تمام عورتن جي سردار آهي ۽ سندس والده ماجده حضرت خديجہ آهي. رمضان ١ هجري ۾ ان جو نڪاح حضرت علي بن ابي طالب سان ٿيو ۽ ذوالحج ۾ رخصتي عمل ۾ آئي ۽ ان جي بطن مبارڪ مان ٽي صاحبزادا حضرت حسن، حضرت حسين ۽ حضرت محسن ۽ ٽي صاحبزاديون زينب ، ام ڪلثوم ۽ رقيہ پيدا ٿيون.

**حديث جي روشني ۾ سندن فضائل:**

حضرت مسور مخرمه فرمائن ٿا تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو فاطمہ منهنجي جگر جو ٽڪرو آهي، جيڪا شيءِ ان کي ڏک ڏي اها مونکي بہ ڏک ڏيندي آهي. حوالو صحيح مسلم ٦٣٠٨

حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ مان سيرت، عبادت،عادت ۽ ڪلام ۾ رسول الله ﷺ جي مشابہ فاطمہ کان وڌيڪ ڪنهن کي نه ڏٺو آهي.جڏهن اها وٽن ايندي هئي پاڻ ڪريم ﷺ اٿي بيهندا هئا ان جو هٿ پڪڙيندا هيا ۽ مٿي مبارڪ تي چمي ڏيندا هيا.

جڏهن پاڻ ڪريم ﷺوٽس تشريف کڻي ويندا هيا ته اٿي بيهندي هئي،سندن هٿ مبارڪ وٺندي ۽ چمي ڪين پنهنجي جڳھ تي ويهاريندي هئي.حوالو ابو دائود ٥٢١٧الترمذي ٣٨٧٢

حضرت علي بن ابي طالب ، سندن ٻنهي صاحبزادن ۽ صحابہ جي هڪ جماعت روايت ڪئي آهي حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ مان نبي ڪريم ﷺ کان سوا ڪنهن کي ان کي گهڻو سچو

ناهي ڏنو ،جڏهن انهن ٻنهي جي درميان ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪشيدگي هوندي هئي تہ نبي ڪريم ﷺ ان ڪان ئي دريافت ڪندا هيا چو تہ اها ڪوڙ ناهي ڳالهائيندي. مشڪواة المصابيح

حضرت عائشه صديقہ رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم ﷺ پنهنجي شهزادي فاطمہ ڪي اهڙي حالت ۾سڏرايو. جنهن ۾ سندن وصال ٿيو ۽ ان جي ڪن ۾ ڪا ڳالھ چئي روئڻ لڳي پوءِ سڏرايو ۽ ان جي ڪن ۾ ڪا ڳالھ چئي تہ کلڻ لڳي. مان ان ڪان هي ماجرو پڇيو تہ ان چيو تہ نبي ڪريم ﷺ پهرين ڳالھ هي فرمائي تہ ان تڪليف ۾ مان وصال ڪري ويندس مان روئڻ لڳس ٻيو دفعو پاڻ فرمايائون تہ منهنجي اهلبيت ۾ سڀ ڪان پهريان تون منهنجي پويان ايندين. البخاري ۴۴۳۳ مسلم ۶۳۱۲

حضرت سعد بن ابي وقاص ڪان روايت آهي جڏهن هي آيت نازل ٿي اسان توهان ڪي ۽ توهان جي پٽن ڪي سڏرايون تہ رسول الله ﷺ حضرت علي فاطمہ حسن ۽ حسين ڪي گهرايو ۽ عرض ڪيو يا الله! منهنجي گهر وارا هي آهن.

جميع ابن عمير ڪان روايت آهي تہ مان پنهنجي پڦي سان گڏ حضرت عائشه رضي الله عنها ڏي ويس مون سوال ڪيو ته ڪير شخص نبي اڪرم ﷺ ڪي گهڻو پيارو هيو حضرت عائشه فرمايو فاطمہ پوءِ چيو ويو تہ مردن ۾ فرمايائين ان جو مڙس. الترمذي

